

# ڳُجھن ادارن جو احتساب ڪير ڪندو؟

جامي چانڊيو

پاڪستان ۾ ڳُجھن ادارن جي سياسي ڪردار بابت هاڻي ڪابہ ڳالھ عوام ۽ دنيا کان ڳُجھي نہ آهي. هونئن تہ سڄيءَ دنيا ۾ ڳُجھن ادارن جو ڪردار ڪڏھن بہ مثبت ۽ عوام دوست نہ رهيو آهي پر ٽين دنيا جي اڪثر ملڪن ۽ خاص طور تي پاڪستان ۾ انهن ادارن جو ڪردار پروفيشنل مافيائن کان گهٽ ناهي. ملڪي دفاع جي نالي ۾ ۽ عوام جي ٽيڪس تي پلجندڙ انهن ادارن پاڪستان ۾ خاص طور تي ستر جي ڏهاڪي کانپوءِ جيئن ملڪ ۾ سياست، جمهوري سياسي ادارن کي تباھ ڪيو آهي ۽ سياستدانن کي نہ رڳو ڪرپٽ ڪيو آهي پر ماڳهين ڪوڙن ۽ ٺڳ سياستدانن جو هڪ پورو نسل پيدا ڪيو آهي، ان ملڪ اندر حقيقي عوام دوست سياست جي روايت کي مرڻينگ ڪري ڇڏيو آهي. تازو بدنام ترين برگيڊيئر امتياز پاران سياستدانن ۾ پئسا ورهائڻ جو جيڪو انڪشافن جو سلسلو شروع ڪيو ويو آهي، ان ملڪ اندر هڪ دفعو وري نون بحث مباحثن کي جنم ڏنو آهي پر افسوس اهو آهي تہ ملڪ جي ميڊيا اصل اشوءَ کي فوڪس ڪرڻ بدران رڳو ليڪو ڪُٽي رهي آهي ۽ اهڙن انڪشافن کان پوءِ سڄو بحث رڳو



سياست ۽ سياستدانن خلاف پيو هلي. حقيقت ۾ اصل اشو اِهو هئڻ گهرجي تہ برگيڊيئر امتياز يا ڳُجھن ادارن جا ٻيا اهلڪار عوام جي پورهيي ۽ پگهر جي ڪمائي يعني ٽيڪس جو پئسو جيڪو ملڪي دفاع جي نالي ۾ ڪنيو يا ڪسيو وڃي ٿو، اهو ڪهڙي آئين، قانون ۽ اختيار تحت ناجائز مفادن لاءِ ڪرپٽ سياستدانن منجھ يا ڪين وڏيڪ ڪرپٽ ڪرڻ لاءِ ڏنو ۽ ورهايو وڃي ٿو. ڏھ سال اڳ ۾ اهو ساڳيو اِشو اُٿاريو ويو هو ۽ هينئر بہ وري ساڳي ماڻھوءَ جي زباني اهي اِنڪشاف منظرعام تي آندا ويا آهن پر افسوس جو وري بہ لعنت ملامت جو سمورو رخ رڳو سياست ۽ سياستدانن خلاف آهي.

پاڪستان جي نام نهاد پاپولر ميڊيا هونئن بہ هميشہ ”اصل اختيار ڌڻين“ جي ونگار وهندي نہ رڳو سندن ڏوهن تي پردا رکندي آهي پر انهن ئي ادارن جي پيدا ڪيل ڪرپٽ سياستدانن جي نالي ۾ سياست ۽ سياستدانن کي بدنام ڪري ملڪي بحران جو سڄو بارُ رڳو اُنهن تي وجهندي آهي. هونئن تہ ملڪي تاريخ جي حمام ۾ ملٽري اسٽيبلشمينٽ، ڳُجها ادارا، سول بيورو ڪريسي، ڪرپٽ ۽ عوام دشمن سياستدان، نسلي ۽ مذهبي دهشتگرد ۽ ڳُجھن ادارن جا ڳيجهو صحافي ۽ وڪائو جَجَ سڀ اُگهاڙا آهن پر وري بہ جڏهن بنيادي ڏوهن جي چارج فريم ڪبي تہ ان جا پيرا ملٽري اسٽيبلشمينٽ ۽ ان جي ڳُجھن ادارن ڏانهن ويندا، ڇاڪاڻ تہ ملڪ جي سموري تاريخ ۾ اُگهاڙيون آمريتون رهيون هجن يا نام نهاد چونڊيل جمهوري حڪومتون پر طاقت جو توازن هميشہ انهن قوتن جي حق ۾ رهيو آهي.

تازو جڏهن برگيڊيئر امتياز جنهن تي سنڌ جي عوامي ۽ انقلابي سورمي نظير عباسيءَ کي شهيد ڪرڻ جو الزام پڻ آهي، هڪ ڀيرو وري ڳُجھن ادارن جي ”سياسي“ ڪردار جي جِنَ کي بوتل مان ڪڍيو آهي تڏهن اصل سوال اِهو نہ آهي تہ انهن ادارن برگيڊيئر امتياز يا ٻين آفيسرن معرفت ڪنهن ڪنهن سياستدان کي ڪيترا پئسا ڏنا پر سوال اهو آهي تہ ملڪي دفاع جي نالي ۾ ڪم ڪندڙ ڳُجھن ادارن کي اِهو اختيار ڪهڙي آئين ۽ قانون تحت مليل آهي تہ اُهي پنهنجي من پسند ڪرپٽ سياستدانن ۾ پئسا ورهائن ۽ ڪانئن پنهنجين ترجيحن موجب سياسي ڪردار ادا ڪرائين؟

حقيقت اِها آهي تہ پاڪستان ۾ جمهوريت جي ناڪامي، جمهوري ادارن جي ڪمزوري، جمهوري ۽ قومي سياست ۾ بدنظمي ۽ انتشار، سياست کي گندي ۽ عوام دشمن ڪرپٽ ڪاروبار ۾ تبديل ڪرڻ جو هڪ وڏو سبب انهن ڳُجھن ادارن جو عوام دشمن سياسي ڪردار آهي، جنهن ۾ شايد ڪابہ طاقت ”هٿ“ وجهي نٿي سگهي. جيئن چيو ويندو آهي تہ فوج پاڪستان ۾ رياست اندر هڪ ٻي رياست آهي، تيئن ڳُجها ادارا ان ٻيءَ

رياست اندر وري هڪ ٽين رياست آهن، جن کي گذريل ڀاهٺ سالن کان ڪوبہ لغام ڏئي نہ سگهيو آهي. اُصولي طور تي برگيڊيئر امتياز جي اهڙن انڪشافن ڪانپوءِ ملڪ جي سمورين سياسي پارٽين جو فرض هو تہ اُهي گڏيل طور اهو مطالبو ڪن ها تہ نہ رڳو برگيڊيئر امتياز کي فوري طور تي گرفتار ڪيو وڃي پر ان ڳالهہ جي اعليٰ سطحي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي تہ اِهو سياستدانن ۾ پئسا ورهائڻ وارو ۽ اهڙا ٻيا فيصلا ڪيئن ۽ ڪنهن جي چوڻ ۽ ڪهڙي اختيار تحت ڪيا ويا هئا ۽اِها رقم ڪٿان آئي هئي؟

الميو اهو آهي تہ هينئر ملڪ ۾ ان ڌر جي حڪومت آهي ۽ ان ئي پارٽيءَ جو سربراهہ صدرِ مملڪت آهي، جيڪا گذريل 30 سالن کان انهن ڳُجهن ادارن کان بار بار ڏنگبي رهي آهي پر ان باوجود حڪومت برگيڊيئر امتياز جي انڪشافن کي پنهنجي سطحي ۽ عارضي مفادن لاءِ تہ استعمال ڪري رهي آهي پر ليڪو ڪُٽڻ بدران نانگ تي ”لَٺِ“ ڪڍڻ لاءِ اُها بہ تيار ناهي. اڄ بہ اُهي ساڳيا ادارا سنڌ، بلوچستان، پختون خواهہ ۽ مرڪز ۾ موجوده حڪومت کي مڪمل طور ناڪام بڻائڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهيا آهن پر سوال آهي تہ آخر ان سڄي معاملي کي گهربل سنجيدگيءَ سان ڇو نٿو ڪنيو وڃي؟ ٻيو تہ ٺهيو پر هاڻي تہ اهي ادارا سڄيءَ دنيا ۾ ملڪ جي بدناميءَ جو مکيہ سبب پڻ بڻيل آهن پر تڏهن بہ اُهي ڪنهن بہ حساب ڪتاب، احتساب ۽ آڏي پڇا کان محفوظ ڇو آهن؟

سوال اهو آهي تہ جي هيءَ حڪومت بہ ڪين ڪجهہ نہ چوندي تہ پوءِ ڇا وري بہ فرشتن جو انتظار ڪجي، جيڪي اچي ڪين عوام، انصاف ۽ عدالت جي ڪٽهڙي ۾ ويهاريندا ۽ انصاف کي يقيني بڻائيندا؟